پارن لاء بائبل
تحفو

# يرمياه، گوڑهن وارو انسان



لکيل پاران: Edward Hughes

اشارو ڪندڙ: Jonathan Hay
Alastair Paterson

طرفان قبول ڪيو ويو: .Mary-Anne S

ترجمو ٿيل: Aim4Faith Ministries, Pakistan

ٺاهيل پاران: Bible for Children
www.M1914.org

©2025 Bible for Children, Inc.
لائسنس: توهان کي هن ڪهاڻي ڪاپي يا پرنٽ ڪرڻ جو حق آهي،
جيئن جيسيتائين تون ان کي وڪرو نٿا ڪريو.

يرمياه يهوداه جي بادشاهي ۾
هڪ مذهبي گهر ۾ پيدا ٿيو.
سندس والد، خلقياه، هڪ
ڪاهن هو. هي خاندان عنوت
نالي هڪ ڳوٺ ۾ رهندو هو
جيڪا يروشلم ڪان پري نه
هو. ٿي سگهي ٿو يرمياه جي
والدين سوچيو ته هو به هڪ
ڪاهن بڻجي ويندو. پر خُدا
وٽ ٻيا منصوبا هئا.



يرمياه جي ڄمڻ وقت، خُدا جا
ماڻهو خُدا جي ڪلام جي مطابق
نه رهندا هئا. لڳ ڀڳ هر
ماڻهو، بادشاهه ڪان وٺي سڀ
ڪان وڏيڪ عاجز ڪم ڪندڙ
تائين، ڪوڙن ديوتان جي پوڄا
ڪندا هئا- ايستائين جو خُدا جي
پنهنجي مقدس هيڪل ۾ به
ڪندا هئا!





جڏهن يرمياه
هڪ جوان
ٿيو، خُدا هن
سان ڳالهايو.

خُدا يرمياه کي چيو، "مان تو کي جمڻ کان اڳ چاڻان ٿو ۽
پوءِ مون رٿ ڪئي ته تون مون لاءِ ڳالهائيندين."

خُدا جي سڏ يرمياه کي خوفزده ڪرڻ لڳي. "آه، خُداوند خُدا!" هن رڙ ڪئي. "مان ڳالهائي نٿو سگهان، ڇو ته مان هڪ ٻار آهيان." هو هڪ ٻار ڪان ڪُجه وڌيڪ هو - هن جي عمر ويهن سالن جي هئي. پر يرمياه اهو نه سوچيو هو ته هن جي ڇوڏاري ٻچڙائي جي خلاف خُدا جي لاءِ ڳالهائي سگهي ٿو.



"بچو نه،" خُدا يرمياه کي يقين ڏياريو. "جتي
تو کي موڪليان ٿو اتي وڃ، جيڪو چوان
سو چئُو، مان توسان
گڏ آهيان ۽ توکي
پهچائيندس."



"پوءِ خُدا
ڪجهه خاص
ڪيو." خُدا يرمياه
جي وات کي چڪيو.

خُدا يرمياه کي طاقت ۽ جرئت ۽ حڪمت ڏني. هن ڏاڍي جُرت سان ڳالهايو، ماڻهن کي ياد ڏياريو ته خُدا انهن سان پيار ڪري ٿو ۽ انهن جي مدد ڪرڻ چاهي ٿو. پر هن جي ڪنهن به نه ٻڌي. ايستائين جو بادشاهه به نه.



ايستائين جو ڪاهن ناراض ٿي ويا ۽ کيس چيو ته خُدا جي باري ۾ ڳالهائڻ ڇڏي ڏي. اهڙا به ڪوڙا نبي هئا جن چيو ته يرمياه سچ نه ڳالهائيندو هو.



يرمياه ماڻهن کي ياد ڏياريو ته، اٽڪل سؤ سال اڳ، اسرائيل جي اتر بادشاهي خُدا کي ڇڏي ڏنو هو. انهن جي دشمنن، اسورين، انهن کي فتح ڪيو ۽ سڀني بني اسرائيلن کي دور دراز ملڪن ڏانهن منتقل ڪيو.





هاڻي يهوداه جي ماڻهن، ڏکڻ جي
بادشاهت، خُدا کي ڇڏي ڏنو هو.
دشمن جا لشڪر اڳ ۾ ئي انهن
خلاف نڪري آيا هئاء!
ڇا خُدا پنهنجي قوم کي
فتح ڪرڻ ۽ جلاوطن
ڪرڻ جي اجازت ڏيندو؟

ماڻهن پنهنجن بتن تي اعتبار ڪيو. ڇا بت ڪين سندن
دشمنن کان بچائي سگهندا؟ نه! صرف خُدا انهن کي
بچائي سگهي ٿو. ماڻهن کي يرمياه تي ڏاڍي ڪاوڙ
آئي، انهن ڪيس مارڻ جي سازش ڪئي. پر خُدا
پنهنجي ٻانهن جي حفاظت ڪئي.



آخرڪار، خُدا ڪجهه
اهڙوچيو، جهن ضرور
يرمياه کي حيران ڪيو
هوندو. خُدا فرمايو، "انهن
ماڻهن لاء دعا نه ڪريو،
مان انهن کي نه ٻڌندس
جڏهن اهي مون کي مدد
لاء روئي سڏيندا."



يرمياه بادشاهه کي خبردار
ڪيو ته هو بابل جي فوج سان
جنگ هارائي ڇڏيندو. بادشاهه
ناراض ٿيو ۽ يرمياه کي جيل
۾ اڇلائي ڇڏيو. جيتوڻيڪ
جيل ۾ به، يرمياه خُدا تي
ڀروسو ڪندي. هُن جي
تبليغ ڪندو رهيو.





جيل مان نڪرڻ کان پوءِ
يرمياه وري بادشاهه ۽ ماڻهن
کي تبليغ ڪئي ته اهي خُدا
ڏانهن موٽي وڃن ۽ مٿس
ڀروسو ڪن. هن ڀيري،
بادشاهه يرمياه کي
هڪڙي اونهي
مٽيءَ جي جيل
۾ وجهي ڇڏيو.

پر بادشاهه جي دل ۾ خُدا ڪم ڪري رهيو هو. هن ڳجهي
طرح يرمياه کي بچايو ۽ ڪانئس پڇيو ته خُدا بادشاهه کان
چا چاهي ٿو. ۽ جواب هو "قيد
۾ وجو، ۽ خُدا
چوي ٿو
تون جيئرو
رهندين."



بابل جي فوج يروشلم ۽ سڄي يهوداه کي
فتح ڪيو. انهن پٽين ۽ سڀني عمارتن
کي ڏاهي ڇڏيو، ۽ هر شيء کي ساڙي
ڇڏيو. خُدا چيو ته سندس قوم ستر سالن
تائين قيد ۾ رهندي، ۽
پوءِ هو انهن کي
وعدي ڪيل



ملڪ ڏانهن
واپس آڻيندو.

# يرمياه، ڳوڙهن وارو انسان

## خُدا کان هڪ کهاڻي ۾ لفظ، بائبل، مليو آهي

## يرمياه

"تنهنجي ڪلام جو مطالعوسوجهرو ٿوڏئي."
زبور 119: 130




28

60

هيءِ ڪهاڻي اسان جي عجيب خُدا جي باري ۾ اسان کي
سيکاريندي آهي جهين اسانکي پيدا ڪيو اهو چاهي ٿوته کيس اسان ڄاڻون.

خُدا ڄاڻي ٿو ته اسان  تمام خراب ڪم ڪيا آهن جهين کي اهو گناهه چئي رهيو آهي ۽
گناهه جو اجر موت آهي،پر خُدا اسان سان تمام گهڻو پيار ڪندو آهي تنهن ڪري هن
پنهنجي واحد پٽ (يسوع مسيح) کي موڪليو ته اسان جي گناهن جي سزا سهي ۽ پنهجي
جان کي صليب تي قربان ڪري ان کان پوءِ يسوع مسيح مئلن مان جيئرو ٿيو ۽ آسمان
ڏانهن هليو ويو جيڪڏهن توهان يسوع مسيح تي ايمان آڻيوٿا ۽ انهي کان پهنجن گناهن
جي معافي طلب ڪريو. ته هو توهان کي معاف ڪندو اوهي توهان وٽ ايندا ۽ توهان
جي اندر گڏ رهندا ۽ توهان هميشه لاءِ ساڻس زنده رهندا.

جيڪڏهن توهان ايمان آندو ته اها سچائ آهي ته خُدا کي ٻڌايو.
پيارا يسوع مسيح مان ايمان آڻيان ٿو ته توهان خُدا آهيو۽ منهنجي ڪري انسان بڻيو ۽
منهنجي گناهن لاءِ مري ويو۽ هاڻي تون جيئرو آهين. منهنجي زندگي ۾ اچو ۽ منهنجا
گناهه معاف فرمايو تنهن ڪري مان اڄ کان ئي نئين زندگي حاصل ڪري هميشه
توهان سان گڏ رهان مون کي مدد ڏي ته مان توهان جي فرمانبرداري
ڪري سگهان ٿو توهان جو پٽ، ڏيءِ ٿي سگهان. آمين.

بائبل پڙهو ۽ هر روز خُدا ساڻ ڳالهايو.